# گناهن جون شامتون ۽
# رمضان ۾ گناهه ڪرڻ جون سزائون

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿين وارو
سنتن ڀريو بيان.



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# گناهن جون شامتون ۽ رمضان ۾ گناهه ڪرڻ جون سزائون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمناً مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي، تاجدار مدينہ منوره سلطان مڪہ مڪرمہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن ماهہ رمضان حاصل ڪيو ۽ هن جا روزا نہ رکيا اهو شخص شقي (يعني بدبخت) آهي. جنهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ سان سٺو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي. ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي. (مجمع الزوائد ج 3، ص 340، حديث 4773)

ذکر و درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے          میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوْالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان ھِي نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علميت جو ڌاڪو ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

## آقا ﷺ جو بيانِ جنت نِشان

حضرتِ سيّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ”محبوبِ رحمٰن، رحمتِ عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان مهيني جي آخري ڏينهن بيان فرمايو، ”اي انسانو! توهان وٽ عظمت وارو برڪت وارو مهينو آيو. اهو مهينو جنهن ۾ هڪ رات (اهڙي بہ آهي جيڪا) هزار مهينن کان بهتر آهي. هن (مبارڪ مهيني) جا روزا اللهُ عَزَّوَجَلَّ فرض ڪيا ۽ ان جي رات ۾ قيام (يعني تراويح) تَطَوُّع (يعني سنّت) آهي. جيڪو هن ۾ نيڪيءَ جو ڪم ڪري تہ اهو ائين آهي جيئن ٻئي ڪنهن مهيني ۾ فرض ادا ڪيائين ۽ هن ۾ جنهن فرض ادا ڪيو تہ اهو ائين آهي جيئن ٻين ڏينهن ۾ ستر فرض ادا ڪيائين. هي مهينو صبر جو آهي ۽ صبر جو ثواب جنّت آهي ۽ هي مهينو مُؤَاسات (يعني غمخواري ۽ ڀلائيءَ) جو آهي ۽ هن مهيني ۾ مومن جو رزق وڌايو ويندو آهي. جيڪو هن ۾ روزيدار کي افطار ڪرائي ان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي ۽ ان جو ڪنڌ باھ کان آزاد ڪيو ويندو ۽ هن افطار ڪرائڻ واري کي اهڙو ئي ثواب ملندو جهڙو روزي رکڻ واري کي ملندو، بغير ان جي، جو اُن جي اجر ۾ ڪجھ گهٽتائي ٿئي.“ اسان عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان مان هر شخص وٽ اها شيءِ ناهي جنهن سان روزو افطار ڪرائي. پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اللہ تعالیٰ هي ثواب (تہ) ان (شخص) کي ڏيندو، جيڪو هڪ ڍُڪ کير يا هڪ کارڪ يا هڪ ڍُڪ پاڻيءَ سان روزو افطار ڪرائي ۽ جنهن روزيدار کي پيٽ ڀري کارايو، ان کي الله تعالیٰ منهنجي حوض مان پيئاريندو جو ڪڏهن اڃارو نہ ٿيندو. ايتري تائين جو جنّت ۾



www.dawateislami.net

داخل ٿي وڃي. هي اهو مهينو آهي جو ان جو اوّل (يعني شروعاتي ڏهہ ڏينهن) **رحمت** آهي ۽ ان جو وچ (يعني وچيان ڏهہ ڏينهن) **مغفرت** آهي ۽ **آخر** (يعني آخري ڏهہ ڏينهن) **جهنّم کان آزادي** آهي. جيڪو پنهنجي غلام تي هن مهيني ۾ تخفيف ڪري (يعني ڪم گهٽ وٺي) **الله تعالى** ان کي بخشي ڇڏيندو ۽ جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو. هن مهيني ۾ چار ڳالهين جي ڪثرت ڪريو. انهن مان ٻہ اهڙيون آهن جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ ۽ بقايا ٻن کان توهان کي بي نيازي ناهي، پوءِ اهي ٻہ ڳالهيون جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ اهي هي آهن. ﴿1﴾ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي گواهي ڏيڻ. ﴿2﴾ استغفار ڪرڻ. جڏهن تہ اهي ٻہ ڳالهيون جن کان توهان کي غنا (يعني بي نيازي) ناهي اهي هي آهن. (1) اللّٰہ تعالیٰ کان جنّت طلب ڪرڻ. (2) جهنم کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ طلب ڪرڻ -" (صحيح ابنِ خُزَيمه، ج۳ ،ص:۱۹۱،حديث:۱۸۸۷، فيضانِ سنت ص 857)

اَبرِ رَحمت چھا گیا ہے اور سَماں ہے نُور نُور
فَضلِ رَبّ سے مَغفِرت کا ہو گیا سامان ہے
ہر گھڑی رَحمت بھری ہے ہر طرف ہیں بَرکتیں
ماہِ رَمَضاں رحمتوں اور بَرکتوں کی کان ہے

(وسائلِ بخشش، ص۴۰۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي خوش نصيبي جو هڪ ڀيرو ٻيهر الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي رمضان المبارڪ جو مهينو ڏسڻ نصيب فرمايو، ان مبارڪ مهيني جي جلوه گري تہ ٿيندي آهي، اللّٰہ تعالٰي جي فضل و ڪرم سان رحمت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ خوب مغفرت جا پروانا تقسيم ٿيندا آهن، تنهنڪري اسان کي ان جي آمد تي خوب خوشي جو اظهار ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي استقبال جي لاءِ پهرين کان ئي تياري



www.dawateislami.net

ڪرڻ گهرجي. هاڻي جيڪا حديثِ پاڪ توهان جي سامهون پيش ڪئي وئي، ان مان ماهِ رمضان المبارڪ جي رحمتن، برڪتن ۽ عظمتن جو خوب خوب اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جيئن تہ توهان ملاحظہ فرمايو تہ ان مهيني ۾ نفلي عبادت جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر (70) فرض جي برابر ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح هن مهيني ۾ روزو افطار ڪرائڻ وارن جي مغفرت بہ ڪئي ويندي آهي ۽ مؤمن جو رزق بہ وڌايو ويندو آهي، ان کان علاوه ٻيون بي شمار رحمتون ۽ برڪتون ان مبارڪ مهيني ۾ حاصل ٿينديون آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ان مقدس مهيني ۾ خوب دل کولي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪندا ڪريون ۽ وڌ کان وڌ عبادات ڪريون، خصوصًا ڪلمو شريف زياده تعداد ۾ پڙهي ڪري ۽ بار بار استغفار يعني خوب توبھ جي ذريعي الله تعالٰي کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. الله تعالٰي کان جنت ۾ داخلا ۽ جهنم کان پناهہ جون تمام گهڻيون التجائون ڪرڻ گهرجن. ڪاش! اسان گناهگارن کي ماهِ رمضان جي صدقي، سرورِ ڪون و مڪان، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت پري هٽن سان جهنّم کان آزاديءَ جي چِٺي ملي وڃي. امامِ اهلسنّت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪن ٿا:

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رِہائی کی چِٹھی ملی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۱۸۸)(فيضانِ سنت ص 867)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي اسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو هي مبارڪ معمول هوندو هو ته جڏهن رمضانُ المبارڪ جو پيارو مهينو تشريف آڻيندو هو ته ان جي استقبال جي لاءِ خوب ڌوم ڌام سان تياري ڪندا ۽ ان جي آمد تي خوش ٿيندا هئا، ڇو جو هي اهو مبارڪ مهينو آهي جو ان جي تياري صرف اسان ئي نه ڪندا آهيون بلڪ رمضان المبارڪ جي استقبال لاءِ سڄو سال جنّت کي سينگاريو ويندو آهي. جيئن ته حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، "بيشڪ **جنّت** ابتدائي سال کان ايندڙ سال تائين رمضان المبارڪ جي لاءِ سجائي ويندي آهي ۽ فرمايائون، رمضان شريف جي پهرين ڏينهن جنّت جي وڻن جي هيٺان وڏين وڏين اکين وارين حورن تي هوا هلندي آهي ۽ اهي عرض ڪنديون آهن، "اي پروردگار! عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن مان اهڙن ٻانهن کي اسان جو مڙس بڻاءِ جن کي ڏسي اسان جون اکيون ٺڏيون ٿين ۽ جڏهن اهي اسان کي ڏسن ته انهن جون به اکيون ٺڏيون ٿين."

(شعب الايمان ج3 ص 312، حديث 3633، فيضان سنّت ص 864 )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان جي فيضان جي ڇا ڳالهه ڪجي! ان جي هر گهڙي رحمت ڀري آهي. تنهنڪري اسان کي به ان مبارڪ مهيني ۾ نماز، روزو، تلاتِ قرآن، ذڪر و اذڪار ۽ ٻين عبادتن جي لاءِ تيار ٿي وڃڻ گهرجي جو ان مهيني ۾ اجر ۽ ثواب تمام گهڻو وڌي ويندو آهي، انهيءَ متعلق هڪ ٻي ايمان افروز حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جي دل ۾



www.dawateislami.net

ان مقدّس مهيني جي اهميت مزيد اجاگر ٿئي ۽ هي بہ معلوم ٿئي تہ ان مهيني ۾ عبادتن ۽ رياضتن تي ڪيتري قدر انعامات ۽ اڪرامات جون بارشون ٿين ٿيون. جيئن تہ **سيّدُنا** ابو سعيد **خُدري** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي:”جڏهن رمضان جي مهيني جي پهرين رات ايندي آهي تہ آسمانن ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين انهن مان ڪوئي دروازو بند ناهي ٿيندو. ۽ جيڪو بہ ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن بہ رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) **پندرهن سؤ (1500) نيڪيون** لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ **ڳاڙهي ياقوت** جو گهر ٺاهيندو آهي. جنهن ۾ سٺ هزار (60,000) دروازا هوندا آهن ۽ هر دروازي تي سون جي مُلَمَّعَ ڪاري (سون جو ڪم) ٿيل هوندو جن ۾ ڳاڙها ياقوت جَڙيل هوندا. پوءِ جيڪو رمضان جي مهيني جو پهريون روزو رکي ٿو تہ ان جي گذريل رمضان جي پهرين روزي تائين جا گناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن ۽ ان جي لاءِ روزانہ فجر جي نماز کان سج لٿي تائين ستر هزار (70,000) فرشتا مغفرت جي دعا ڪندا رهن ٿا. رمضان جي هر رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن بہ هُو سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) کيس (جنّت ۾) هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو وڃي ٿو جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار پنج سؤ (500) سالن تائين هلندو رهي.“

(شعب الايمان ، فضائل شهررمضان، باب في الصيام ،رقم ٣٦٣٥ ،ج ٣، ص ٣١۴)



www.dawateislami.net

بھائیو! بہنو! گُناہوں سے سبھی توبہ کرو
خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخلہ آسان ہے

(وسائلِ بخشش، ٤٠٦)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ رمضانُ المبارڪ جي مهيني جون گھڻيون گھڻيون برڪتون آهن بلڪ هي مهينو خود سڄو رحمت ڀريو آهي. جو رمضان جي پهرين رات اچڻ تي آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين انهن مان ڪوبہ بند نہ ڪيو ويندو آهي، تہ جڏهن پهرين رات تي ايتري قدر انعامات ۽ اڪرامات جون خوشخبريون آهن تہ پوءِ پوري مهيني جي رحمتن، فضيلتن ۽ برڪتن جو اندازو ڪير ڪري سگھي ٿو ۽ جيئن تہ ان مهيني ۾ شياطين کي قيد ڪيو ويندو آهي تنهنڪري نيڪيون ڪرڻ مزيد آسان ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن اجا بہ ڪو نيڪيون نہ ڪري ۽ عبادت ۾ سستي ڪري تہ اها تمام گھڻي افسوس جي ڳالھ آهي، تنهنڪري اسان کي گھرجي تہ ان مهيني جي قدر ڪريون ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريون تہ ان جهڙو مبارڪ مهينو ٻيو ڪو ناهي، جيئن تہ ان مهيني جي حوالي سان شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنَّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُو بلال محمدالياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن **"فيضانِ رَمَضان"** ۾ جيڪي خصوصيات بيان فرمايون آهن، اچو تہ! ان مان ڪجھ ٻڌون ٿا، جيئن تہ



www.dawateislami.net

مهينن ۾ صرف ماهِ رمضان جو نالو قرآن شريف ۾ ورتو ويو. عورتن ۾صرف **بي بي مريم** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو نالو قرآن ۾ آيو. صحابه ۾ صرف حضرتِ سيّدُنا **زيد ابنِ حارثه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو قرآن ۾ ورتو ويو جنهن مان انهن ٽنهي جي عظمت معلوم ٿي. **رمضان** شريف ۾ افطاري ۽ سَحَريءَ جي وقت دعا قبول ٿيندي آهي. يعني افطار ڪرڻ وقت ۽ سَحَري ڪائي ڪري. هيءَ فضيلت ڪنهن ٻئي مهيني کي حاصل ناهي. **رمضان** ۾ پنج حرف آهن **ر ، م ، ض ، ا ، ن . ر** مان مراد رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ **ميم** مان مراد محبتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ، **ض** مان مراد ضمانِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ، **الف** مان مراد امانِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ، **ن** مان مراد نورِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ **رمضان** ۾ پنج عبادتون خاص طور تي ٿينديون آهن. روزو، تراويح ، قرآن جي تلاوت، اعتڪاف، شبِ قدر ۾ عبادتون. پوءِ جيڪو دل جي سچائيءَ سان هي **پنج** 5 **عبادتون** ڪري اهو انهن **پنجن** 5 **انعامن** جو مستحق (حقدار) آهي. (تفسير نعيمي ج 2، ص 208، فيضان سنّت ص 863)

آگیا رمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دن تیس کا مہمان ہے

(وسائلِ بخشش، ص۴۰۵)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جي برڪتن مان چڱي طرح فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان مهيني ۾ اعتڪاف ڪرڻ گهرجي جو پياري آقا



www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماهِ رمضان جي پوري مهيني جو اعتڪاف ڪندا هئا، خاص طور تي آخري ڏهه 10 ڏينهن جو اهتمام فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري ڪنهن خاص عذر جي تحت پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضانُ المبارڪ ۾ اعتڪاف نه ڪري سگهيا ته شوّال المڪرّم جي آخري عشري ۾ اعتڪاف فرمايو. (صحيح بخاري ج١ ص ٦٧١حديث٢٠٣١) اهڙي طرح هڪ ڀيري سفر جي سبب پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اعتڪاف رهجي ويو ته ٻئي رمضان شريف ۾ 20 ڏينهن جو اعتڪاف فرمايو. (جامع ترمذِي ج٢ ص٢١٢ حديث٨٠٣) ايئن ته اعتڪاف جا بيشمار فضائل آهن پر عاشقن جي لاءِ ته ايتري ئي ڳالهه ڪافي آهي ته آخري عشري جو اعتڪاف ڪرڻ سنت آهي. هي تصور ئي مزو ڏيندڙ آهي ته اسان پياري سرڪار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ پياري سنت ادا ڪري رهيا آهيون. اعتڪاف جو هڪ وڏو فائدو هي به آهي ته جيترا ڏينهن مسلمان اعتڪاف ۾ رهندو گناهن کان بچيل رهندو ۽ جيڪي گناهه هُو ٻاهر رهي ڪري ها، ان کان محفوظ رهندو. پر هي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت آهي ته ٻاهر رهي ڪري جيڪي نيڪيون ڪندو هو، اعتڪاف جي حالت ۾ جيتوڻيڪ هو انهن کي ڪري نٿو سگهي پر پوءِ به اهي ان جي نامهءِ اعمال ۾ بدستور لکيون وينديون ۽ ان جو ثواب به ملندو رهندو. جيئن ته

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:" اعتڪاف ڪرڻ وارو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ تمام نيڪيون لکيون وينديون آهن جيئن ان جي ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن." (ابن ماجه ج٢ ص٣٦٥حديث١٧٨١)
حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان منقول آهي،"معتڪف کي هر روز هڪ حج جو ثواب ملندو آهي." (شعب الايمان،ج٣، ص٤٢٥، الحديث ٣٩٦٨)



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ رمضان شريف ۾ اعتڪاف جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح رمضانُ المبارڪ ۾ نيڪ اعمال ڪرڻ تمام وڏي سعادت آھي، اھڙي طرح گناھ ڪرڻ تمام وڏي خساري جو سبب آھي، تيڻ تہ ايئن گھرجي جو ان مهيني ۾ خوب عبادت ڪري ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪيو وڃي، پر افسوس ڪجھ ماڻھو اھڙا بہ ھوندا آھن، جيڪي ان مهيني ۾ بہ گناھن ڪرڻ کان نہ مڙندا آھن، نہ انهن کي نمازن جو خيال ھوندو آھي نہ روزن جو فڪر، بلڪ ان مقدّس مهيني ۾ فلمون، ڊراما، ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ نہ ڄاڻي ڪهڙن ڪهڙن گناھن ۾ مبتلا رھندا آھن، اھڙي طرح رمضان المبارڪ جي پاڪيزه راتين ۾ اسان جا ڪيترائي نوجوان محلي ۾ ڪرڪيٽ، فٽ بال وغيره رانديون ڪيڏندا آھن ۽ خوب ھُل ھنگامو ڪندا آھن ۽ اھڙيءَ طرح اھي بدنصيب پاڻ تہ عبادت کان محروم رھندا ئي آھن پر ٻين جي لاءِ بہ بيحد پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻبا آھن نہ پاڻ عبادت ڪندا آھن ۽ نہ ئي ٻين کي ڪرڻ ڏيندا آھن. اھڙي قسم جون رانديون الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪرڻ واريون آھن. نيڪ ماڻھو تہ انهن راندين کان سدائين پري ئي رھندا آھن. پاڻ ڪيڏڻ تہ نهيو، اھڙيون رانديون ۽ تماشا ڏسندا بہ ناھن بلڪ ان قسم جي راندين جو اکين ڏٺو حال (Commentary) بہ ناھن ٻُڌندا. تنهن ڪري اھڙين حرڪتن کان هميشہ بچڻ گھرجي ۽ خاص طور تي **رمضان المبارڪ** جون بابرڪت گھڙيون تہ هرگز هرگز اھڙيءَ طرح برباد نہ ڪرڻ گھرجن. (فيضانِ سُنّت ص 927)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جو تقدّس پامال ڪرڻ واري جي متعلق ڪيتري سخت وعيد وارد ٿي آھي. اچو ٻڌون ۽ عبرت حاصل ڪريون.

## رمضان ۾ گناھ ڪرڻ وارو

سيّدتُنا اُمّ ھاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪان روايت آھي تہ ٻنھي جھانن جي سلطان، شھنشاھِ ڪون و مڪان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي: ”منھنجي امت ذليل ۽ خوار نہ ٿيندي جيسيتائين اھا ماھِ رمضان جو حق ادا ڪندي رھندي.“ عرض ڪيو ويو يا رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انھن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آھي؟ فرمايائون، ” ھن مھيني ۾ سندن حرام ڪمن جو ڪرڻ، پوءِ فرمايائون، جنھن ھن مھيني ۾ زنا ڪئي يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ جيترا آسماني فرشتا آھن سيئي ان تي لعنت ڪندا آھن. پوءِ جيڪڏھن ھي شخص ايندڙ ماھِ رمضان کي حاصل ڪرڻ ڪان پھريان ئي مري ويو تہ وٽس ڪا اھڙي نيڪي نہ ھوندي جيڪا کيس جھنّم جي باھ کان بچائي سگھي. سو توھان ماھِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو تہ جھڙيءَ طرح ھن مھيني ۾ ٻين مھينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آھن تھڙيءَ طرح گناھن جو بہ مُعاملو آھي.“

(المعجم الصغير للطبراني ، ص 247، فيضان سنّت، ص 9919)

تُوبُوا اِلَی اللّٰہ! اَسۡتَغۡفِرُاللّٰہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بي قدرؤ خبردار!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ رمضانُ المبارڪ جو تقدّس پامال ڪرڻ وارن (يعني ان جو احترام نہ ڪرڻ) کي ان حديثِ پاڪ ۾ ڪيتري قدر جهنجهوڙيو ويو آهي، تنهنڪري ڊڄي وڃو! ۽ **ماهِ رمضان** جي بيقدريءَ کان بچڻ لاءِ خصوصيّت سان اهتمام ڪري وٺو. جيڪڏهن اسين ذلت ۽ خواري کان بچڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي رمضان جو ادب ۽ احترام ڪرڻو پوندو، هن مبارڪ مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ جهڙيءَ طرح نيڪيون وڌايون وينديون آهن تهڙيءَ طرح ٻين مهينن جي مقابلي ۾ گناهن جون هلاڪتون بہ وڌي وينديون آهن. **ماهِ رمضان** ۾ شراب پيئڻ وارو ۽ زنا ڪرڻ وارو تہ اهڙو بدنصيب آهي جو ايندڙ رمضان کان پهريان پهريان مري ويو تہ هاڻي وٽس ڪا نيڪي اهڙي نہ هوندي جيڪا کيس جهنم جي باهہ کان بچائي سگهي. **ياد رهي!** اکين جو زنا بدنگاهي، هٿن جو زنا اجنبي عورت کي (يا شهوت سان اَمرَد يعني خوبصورت ڇوڪري) کي ڇُهڻ آهي، انهيءَ ڪري خبردار! خبردار! خبردار! **ماهِ رمضان** ۾ خصوصي طور تي پنهنجو پاڻ کي بدنگاهي ۽ اَمرَد کي ڏسڻ کان بچايو. جيترو ٿي سگهي "اکين جو قفلِ مدينه" لڳائي ڇڏيو يعني نگاهون هيٺ رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو. افسوس! صد هزار افسوس! ڪڏهن ڪڏهن تہ نمازي ۽ روزيدار بہ ماهِ رمضان جي بي حرمتي جي ڪري قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار جو شڪار ٿي عذابِ نار ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن.

## دل تي ڪارو نقطو

**حديثِ مبارڪ** ۾ اچي ٿو، "جڏهن ڪو انسان گناهہ ڪندو آهي تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو نقطو ٺهجي ويندو آهي، جڏهن ٻئي ڀيري گناهہ ڪندو آهي



www.dawateislami.net

تہ بيو ڪارو نقطو بڻجي ويندو آهي ايستائين جو ان جي دل ڪاري ٿي ويندي آهي. نتيجي ۾ ڀلائيءَ جي ڳالهه سندس دل تي اثر انداز ناهي ٿيندي. (الدرالمنثور ج 8 ص 446)

**هاڻي** ظاهر آهي جنهن جي دل ئي زنگجي خراب ۽ ڪاري ٿي چُڪي هجي ان تي ڀلائيءَ جي ڳالهه ۽ نصيحت ڪتي اثر ڪندي؟ ماهِ رمضان هجي يا غيرِ رمضان اهڙي انسان جو گناهن کان پري ۽ بيزار رهڻ نهايت ئي ڏکيو ٿي ويندو آهي. ان جي دل نيڪيءَ جي طرف مائل ئي ناهي ٿيندي. جيڪڏهن هُو نيڪيءَ جي طرف اچي بہ ويو تہ اڪثر ان جي دل انهيءَ ڪاراڻ جي سبب نيڪيءَ ۾ ناهي لڳندي ۽ هُو سنّتن ڀرئي مدني ماحول مان ڀَڄڻ جون تدبيرون ئي سوچيندو آهي. ان جو نفس ان کي ڊگهيون اميدون ڏياريندو آهي، غفلت ان کي گهيري وٺندي آهي ۽ اهو بدنصيب سنّتن ڀرئي مدني ماحول کان پري وڃي پوندو آهي. **ماهِ رمضان** جون مبارڪ گهڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پوريون پوريون راتيون اهڙو شخص راند روند، گانن باجن، تاس ۽ شطرنج، گپ شپ وغيره ۾ برباد ڪندو آهي.

گُنہ لمحہ بہ لمحہ ہائے! اب بڑھتے ہی جاتے ہیں
نہیں پر اس پہ ہائے کچھ ندامت یارسولَ اللہ
گُنہ کر کر کے ہائے! ہو گیا دل سخت پتھر سے
کروں کس سے کہاں جا کر شکایت یارسُولَ اللہ

(وسائلِ بخشش، ص۳۲۸)



www.dawateislami.net

## دل جي ڪاراڻ جو علاج

منا منا اسلامي ڀائرو! هن دل جي ڪاراڻ جو علاج ضروري آهي ۽ هن جي علاج جو هڪ اثرائتو ذريعو ڪامل پير به آهي. يعني ڪنهن اهڙي بزرگ جي هٿ ۾ هٿ ڏنو وڃي جيڪو پرهيزگار ۽ سنّتن جو پيروڪار هجي، جنهن جي زيارت خدا ۽ مصطفیٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ڏياري، جنهن جون ڳالهيون صلوٰة و سنّت جو شوق اڀارڻ واريون هجن. جنهن جي صحبت موت ۽ آخرت جي تياريءَ جو جذبو وڌائيندي هجي. جيڪڏهن خوش قسمتي سان اهڙو ڪامل پير هٿ اچي ويو ته اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل جي ڪاراڻ جو ضرور علاج ٿي ويندو. (فيضانِ سنت ص 920) ۽ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص ڪرم آهي! جو هو هر دور ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امّت جي اصلاح جي لاءِ پنهنجا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام ضرور پيدا فرمائيندو آهي. جيڪي پنهنجي مؤمنانه حڪمت ۽ فراست جي ذريعي ماڻهن کي هي ذهن ڏيڻ جي ڪوشش فرمائيندا آهن ته ” مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي (اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ)“ في زمانه مرشدِ ڪامل جو هڪ مثال شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت، بانيِ دعوتِ اسلامي، حَضرتِ علامه مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آهن، جن جي نگاهِ ولايت لکين مسلمانن بالخصوص نوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيوآهي. جيڪي اسلامي ڀائر ڪنهن جا مريد نه آهن انهن جي خدمت ۾ مشورتًا عرض آهي! ته پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ هن زماني جي سلسلهء عاليه قادِريه رَضويه جي عظيم بُزرگ ۽ عظيم علمي ۽



www.dawateislami.net

رُوحاني شخصيت شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي، حَضرتِ علامه مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ٿڃي وڃو. يقينًا مريد ٿيڻ ۾ ڪوبہ نقصان ناهي، ٻنهي جهانن ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ئي فائدو آهي. ڪهڙي خبر جو ڪڏهن انهن جي هڪ نظر اسان تي پئجي وڃي ۽ اسان جي ظاهر ۽ باطن جي سڀ گندگي، قلب ۽ فڪر جي تمام ڪاراڻ ڌوپجي وڃي.

ياد رکو! ڪنهن شخص کي هر وقت گناهن ۾ مبتلا رهندي ڏسي ان جي باري ۾ هرگز هرگز هي چوڻ جي اجازت ناهي تہ ان جي دل تي مهر لڳي ويئي يا ان جي دل ڪاري ٿي ويئي تڏهن تہ نيڪيءَ جي دعوت ان تي اثر نٿي ڪري. يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهہ تي قادر آهي تہ ان کي توبهہ جي توفيق عطا فرمائي جنهن سان هو حق ۽ سچ جي واٽ تي اچي وڃي. تنهنڪري ڪنهن ٻئي جا عيب تلاش ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي دل جي ڪاراڻ کي ختم فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُٹھے نہ آنکھ کبھی بھی گُناہ کی جانب
عَطا کرم سے ہو ایسی مجھے حَیا یاربّ!
کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور
سُنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یارَبّ!

(وسائلِ بخشش،ص۸۳)



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان ۾ گناهه ڪرڻ جي حوالي سان **هڪ عبرت انگيز حڪايت** ٻُڌو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ڪان ڏڪي وڃو! خاص ڪري اهي ماڻهو هن حڪايت مان عبرت جو درس حاصل ڪن. جيڪي روزو رکڻ جي باوجود تاس، شطرنج، لُوڊو، وڊيو گيمز، فلمون ڊراما، گانا باجا وغيره وغيره بُراين کان پري نہ ٿا رهن. جيئن تہ

## قبر جو ڀوائتو منظر!

منقول آهي تہ هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وٺي ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پيئي. ڪين ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. سو بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ميّت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سندن التجا هڪدم ٻُڌي ويئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا هاڻي هڪ قبر جو ڀوائتو منظر سندن آڏو هو، ڇا ٿا ڏسن تہ مُردو باهه ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي:

يَاعَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِى النَّارِ وَحَرِيْقٌ فِى النَّارِ

**يعني:** "يا علي! كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم مان باهه ۾ ٻُڏل آهيان ۽ باهه ۾ سڙي رهيو آهيان." قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي دردناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ هٿ ڪنيائون ۽ نهايت ئي



www.dawateislami.net

عاجزي سان ان ميّت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو ."اي علي (ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم) اوهان (ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم) هن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود هي شخص رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪندو هو. رمضان المبارڪ ۾ بہ گناهن کان ڪونہ مُڙندو هو. ڏينهن جو روزا تہ رکندو هو پر راتين جو گناهن ۾ مُبتلا رهندو هو. مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم اِهو ٻُڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي. هن ٻانهي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آهي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي هن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، هن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ هن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم روئي روئي مُناجات ڪري رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم! اسان تنهنجي شڪستہ دليءَ جي سبب هن کي بخشي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب کنيو ويو.

(انيس الواعظين ص 25، فيضان سنّت ص 922)

مَغْفِرت کروایئے جنّت میں لے کے جایئے
واسطہ حسنین کا مولیٰ علی مُشکل کُشا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا بيشمار **مدني گل** آهن. زندهہ انسان خوب ڪُڏندو آهي پر جڏهن موت جو شڪار ٿي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي. ان وقت اکيون بند ٿيڻ بدران



www.dawateislami.net

حقيقت ۾ کُلي پونديون آهن. سٺا اعمال ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڏنل مال ته ڪم ايندو آهي پر جيڪو ڪجهه مال ۽ دولت پويان ڇڏي ايندو آهي ان ۾ ڀلائي جو امڪان نه هئڻ جي برابر هوندو آهي. وارثن مان اميد گهٽ ئي هوندي آهي. جو اهي پنهنجي مرحوم عزيز جي آخرت جي بهتري جي لاءِ ڪثرت سان مال خرچ ڪن.

## روزي ۾ وقت ”پاس“ ڪرڻ جي لاءِ-------

**ڪافي** نادان اهڙا به ڏٺا ويندا آهن جيڪي جيتوٽيڪ روزو ته رکندا آهن پر پوءِ انهن ويچارن جو وقت ”پاس“ ناهي ٿيندو. تنهن ڪري اهي به رمضان شريف جي احترام کي هڪ طرف رکي حرام ۽ ناجائز ڪمن جو سهارو وٺي ڪري وقت ”پاس“ ڪندا آهن ۽ ائين **رمضان شريف** ۾ شطرنج، تاس، لوڊو، گانن باجن وغيره ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. **ياد رکو!** شطرنج ۽ تاس وغيره تي ڪنهن قسم جي بازي يا شرط نه به لڳائي وڃي تڏهن به اهي رانديون ناجائز آهن. بلڪ تاس ۾ جيئن ته جاندارن جون تصويرون به هونديون آهن. ان لاءِ منهنجي آقا، اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تاس کيڏڻ کي قطعي طور تي حرام لکيو آهي. جيئن ته فرمائن ٿا، گنجفه (پتن جي ذريعي کيڏي ويندڙ هڪ راند ۽) تاس حرامِ مُطلق آهن جو انهن ۾ لهو و لَعِب کان علاوه تصويرن جي تعظيم آهي. (فتاوىٰ رضويه ج ۲۴ص۱۴۱،فيضانِ سنت 927) اهڙي طرح شطرنج کيڏڻ به ناجائز آهي. (ماخوذ از بهارشريعت،حصه ۱٦،ص:۵۱۱ )

## ڪتاب جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مقدس گهڙين کي فضوليات ۽ بيهودگين ۾ برباد ٿيڻ کان بچايو! زندگي تمام مختصر آهي ان کي



www.dawateislami.net

غنيمت سمجھو، تاس جي پَٽن ۽ فلمي گانن جي ذريعي وقت ”پاس“ (بلڪ برباد) ڪرڻ بدران قرآن شريف جي تلاوت ۽ ذڪر و درود ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش فرمايو ۽ ان مهيني جي مناسبت سان شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي مايہ ناز تصنيف ”فيضانِ رمضان“ جو مطالعو بہ مفيد آهي جو هن ڪتاب ۾ رمضانُ المبارڪ جا تقريبًا تمام اهم مسائل مثلاً نماز، روزو، تراويح، اعتڪاف ۽ عيدُالفطر جي متعلق ڪثير معلومات سان گڏوگڏ بي شمار مدني گل بہ پنهنجي خوشبو لٽائي رهيا آهن. توهان بہ ان ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ جي نيت فرمائي ونو.سنڌي کان علاوہ بہ دنيا جي مختلف زبانن ۾ ان ڪتاب جو ترجمو ٿي چڪو آهي.

## مجلسِ تراجم جو تعارف

اَلۡحَمۡدُلِلّٰہعَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي سوچ ۽ فڪر کي پوري دنيا ۾ عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ”مجلسِ تراجم“ بہ آهي. جيڪو اميرِ اَهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسائل جو مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن سنڌي پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دنيا جون ٻيون زبانون ڳالهائيندڙ ڪروڙين ماڻھو بہ فيضياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ هي مدني ذهن بڻجي وڃي تہ ” مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. (اِنۡ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ) “ جيئن تہ تمام ٿوري عرصي ۾ هن وقت تائين هن مجلس جي تحت دنيا جي مختلف زبانن ۾ شيخ طريقت اميرِ اَهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ڪيترن ئي تصانيف جو ترجمو ٿي چڪو آهي.



www.dawateislami.net

اسان کي گھرجي تہ مكتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسائل جو خود بہ مطالعو ڪريون ۽ پنهنجي دوستن ۽ احبابن کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريون، ٿي سگهي تہ تحفي طور پيش ڪريون. دنيا جي راندين ۾ وقت برباد ڪرڻ جي بجاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ نيڪ اعمال ڪريون. ڇو جو اسان کي زندگي راند روند ۽ تفريح لاءِ نہ بلڪ اهڙا ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڏني وئي آهي جن جي بجا آوري سان رضاءِ رب الانام حاصل ٿئي. جيئن تہ،

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: بي شڪ دنيا مٺي ۽ سرسبز آهي ۽ الله تعالٰي ان (دنيا) جي تو کي خلافت ڏيڻ وارو آهي بس ڏسندو آهي تہ تون ڪيئن عمل ڪرين ٿو.

(ابن ماجه،ڪتاب الفتن، باب فتنة النساء،ج۴ص۳۸۵حديث ۴۰۰۰)

بس ياد رکو! موت کان بعد پنهنجي عملن جي جزا ڏنو ويندو، جيڪڏهن دنيا ۾ چڱا عمل ڪيا هوندا تہ ان جي جزا ماڻيندو ۽ جيڪڏهن خدانخواستہ نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ تي زندگي گناهن ۾ بسر ڪئي تہ جهنم جي سزا جو حقدار بڻجندو! جيئن تہ سيپاري 30 سُوْرَةُ الزِّلْزَال جي

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ﴿۷﴾

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ﴿۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو

آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يقينًا عقل مند اهوئي آهي جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ گناهن جون تباه ڪاريون راسخ هجن ۽ هو خود کي نہ صرف ان کان بچائي بلڪ



www.dawateislami.net

نيڪيون ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪري، پر افسوس! صد افسوس دين کان دُوري ۽ اسلامي معلومات جي ڪمي جو نتيجو اسان جي آڏو آهي جو چئني طرف گناهن جو بازار گرم آهي، جنهن طرف نظرڪجي ٿي بي عملي ۽ دشمني جو دور آهي، حالانڪ احڪامِ خداوندي کان منهن موڙڻ جو نتيجو سواءِ تباهي ۽ بربادي جي ڪجهہ نہ آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي ۽ گناهہ ٻئي رستا اسان جي سامهون آهن، هاڻي فيصلو اسان کي خود ڪرڻو آهي تہ اسين ڇا ٿا چاهيون؟ فرمانبرداري جي رستي تي هلندي رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي خوشي مطلوب آهي يا گناهن جي دلدل ۾ ڦاسي ڪري هن جي ناراضي چاهيون ٿا؟ ياد رکو! نيڪي جي رستي تي هلنداسين تہ رضاءِ رب الانام سان گڏوگڏ بي شمار برڪتن سان نوازيا ويندا سين ۽ جيڪڏهن گناهہ ۽ نافرماني جي رستي کي اپنايوسين تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت جو طوق مقدر بڻجندو. جيئن تہ

حضرت سَيِّدُنا وهب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ بني اسرائيل کي فرمايو: ٻانهو جڏهن منهنجي اطاعت ڪندو آهي تہ آءُ ان کان راضي ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن راضي ٿي ويندو آهيان تہ ان جون برڪتون عطا فرمائيندو آهيان. (ڪجهہ روايتن ۾ آهي تہ منهنجي برڪت جي ڪا انتها ناهي) ۽ جڏهن ٻانهو منهنجي نافرماني ڪندو آهي تہ آءُ ان کان ناراض ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن آءُ ان کان ناراض ٿي ويندو آهيان تہ ان تي لعنت فرمائيندو آهيان ۽ منهنجي لعنت ان جي ست پيڙهين تائين پهچندي آهي. (الزواجرعن اقتراف الكبائر،مقدمة في تعريف الكبيرة،خاتمة في التحذير۔۔الخ ،ج١ ص٢٨) اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ اسان ان ڳالهہ کان پناهہ ٿا گهرون تہ اسان جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿئي جن تي الله عَزَّوَجَلَّ لعنت فرمائي آهي.



www.dawateislami.net

تُوبس رہنا سَدا راضی نہیں ہے تابِ ناراضی
تُو ناخُوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مَوْلیٰ
(وسائلِ بخشش ،ص:۹۸)

## بني اسرائيل تي مختلف عذابن جو سبب!

مروي آهي تہ جڏهن حضرت سيّدُنا حذيفه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي عرض ڪيو ويو: ڇا بني اسرائيل پنهنجو دين ڇڏي ڏنو هو جنهن جي سبب انهن کي مختلف قسم جي دردناڪ عذابن ۾ مبتلا ڪيو ويو مثلاً انهن جون صورتون بگاڙي ڪري انهن کي باندر ۽ خنزير ڪيو ويو ۽ پنهنجي پاڻ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو؟ تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ارشاد فرمايو: نہ! جڏهن انهن کي ڪنهن ڳالهہ جو حڪم ڏنو ويندو هو تہ انهن کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جڏهن انهن کي ڪنهن ڪم کان روڪيو ويندو هو تہ (انجام جي پرواهہ نہ ڪندي) ان کي ڪري ڇڏيندا هئا ايستائين جو اهي پنهنجي دين مان ايئن نڪري ويا جنهن ماڻهو پنهنجي قميص مان نڪري ويندو آهي.

(الزواجرعن اقتراف الكبائر،مقدمة في تعريف الكبيرة،خاتمه في التحذير۔۔الخ ،ج١ ص٢٦)

معلوم ٿيو! گناهن جي سبب ايمان برباد ٿي سگهي ٿو ۽ يقيناً هڪ مسلمان جي لاءِ ايمان جي کسجڻ کان وڏيڪ ڪا بربادي ٿي ئي نہ ٿي سگهي، تنهنڪري فوراً گناهن کان توبهہ ڪري قرآن ۽ سُنت جي احڪامن تي عمل کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو. ٿورو سوچيو! جيڪڏهن ايئن گناهہ ڪندي ڪندي قبر ۾ لهي وياسين ۽ اسان تي عذاب مسلط ڪيو ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن وڇون ۽ نانگن ڪفن ڦاڙي ڪري اسان جي جسم تي قبضو ڄمايو تہ ڪيڏانهن وينداسين؟ قبر جون ديوارون ملڻ



www.dawateislami.net

سان اسان جون پاسراتيون ٽٽي ڦُٽي ڪري هڪ ٻئي ۾ ملي ويون تہ ڪيڏي شديد تڪليف ٿيندي؟ هڪ پٿر جو ڌڪ برداشت نہ ٿو ٿئي، جيڪڏهن فرشتن هٿوڙا هڻڻ شروع ڪري ڏنا تہ تہ هن نازڪ هڏين جو ڇا ٿيندو؟ گناهن جي سبب ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي جي صورت ۾ ٿيڻ وارن ان عذابن جو ٿورو تصور تہ ڪريو........ ۽ پوءِ فيصلو ڪريو تہ اسان جو گناهن ڪان بچڻ آسان آهي يا ان عذابن ڪي سهڻ ....! يقيناً اسان مان ڪو بہ ان عذابن جي سهڻ جي طاقت نہ ٿو رکي تہ اچو! هاڻي وقت آهي توبہ ڪري ونو ۽ پاڻ ڪي گناهن ڪان بچائيندي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ايامِ زيست (زندگي جا ڏينهن) گذاريو جو ان ۾ ڪاميابي آهي.

گُناہوں سے مجھے ہو جائے نَفرت یارَسُولَ اللہ
نِکل جائے بُری ہر ایک خَصلت یارَسُولَ اللہ
کمر اعمالِ بد نے ہائے میری توڑ کر رکھ دی
تَباہی سے بچالو جانِ رحمت یارَسُولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن جا ڏهہ (10) نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً گناهن ڪان ڪڏهن بہ ڪو فائدو حاصل نہ ٿو ٿي سگهي بلڪ ان ۾ نقصان ئي نقصان آهي ۽ گناهن ۾ ڪيتري قدر نحوست آهي ان جي تباهي ۽ بربادي جو اندازو ان ڳالھ مان لڳايو. جيئن تہ



www.dawateislami.net

اَمِيرُ الْمُومنين حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو تہ توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ان فرمان سان هرگز ڏوکو ۾ نہ پئجو:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰۤى اِلَّا مِثْلَهَا

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن ۽ جنهن بُرائي ڪئي ان کي بدلو نہ ملندو مگر ان برابر

(پ۸،الانعام: ١٦٠)

چو جو گناهہ پلي هڪڙو ئي چو نہ هجي پاڻ سان گڏ (10) بُريون خصلتون ڪٺي ايندو آهي: (1) جڏهن بانهو گناهہ ڪندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي غضب ڏياريندو آهي ۽ هو ان کي پورو ڪرڻ جي قدرت رکندو آهي (2) هو (گناهہ ڪرڻ وارو) ابليس ملعون کي خوش ڪندو آهي (3) جنت کان پَري ٿي ويندوآهي (4) جهنم جي ويجهو اچي ويندو آهي (5) اهو پنهنجي سڀ کان پياري شيءِ يعني پنهنجي جان کي تڪليف ۾ وجهندو آهي (6) اهو پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪندو آهي حالانڪ اهو پاڪ هوندو آهي (7) اعمال لکڻ وارن فرشتن يعني ڪرامًا ڪاتبين کي ايذا ڏيندو آهي (8) اهو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روضہء مبارڪ ۾ ڏکوئيندو آهي (9) زمين، آسمان ۽ تمام مخلوق کي پنهنجي نافرماني تي گواهہ ڪندوآهي (10) اهو تمام انسانيت سان خيانت ۽ ربُّ الْعَالَمِين عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو آهي.

(بحرالدموع ،الفصل الثاني عواقب المعصية ،ص:٣٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن سان آخرت جو نقصان ۽ جهنم جون سزائون ۽ قبر ۾ قسم قسم جي عذابن ۾ مبتلا ٿيڻ تہ هر شخص ڄاڻي ٿو پر ياد رکو! گناهن جي نحوست سان ماڻهو کي دنيا ۾ بہ



www.dawateislami.net

طرح طرح جا نقصان پهچندا آهن، جن مان ڪجهه هي آهن: (1) روزي گهٽ ٿي وڃڻ (2) بلائن جو هجوم (3) عمر گهٽجي وڃڻ (4) دل ۾ يا پوري جسم ۾ اچانڪ ڪمزوري پيدا ٿيڻ ڪري صحت خراب ٿيڻ (5) عبادتن کان محروم ٿي وڃڻ (6) عقل ۾ فطور پيدا ٿي وڃڻ (7) ماڻهن جي نظر ۾ ذليل ۽ خوار ٿي وڃڻ (8) فصلن ۽ باغن جي پيداوار ۾ ڪمي ٿي وڃڻ (9) نعمتن جو کسجي وڃڻ (10) هر وقت دل پريشان رهڻ (11) اچانڪ لاعلاج بيمارين ۾ مبتلا ٿي وڃڻ (12) الله تعالٰي، ان جي فرشتن، نبين ۽ نيڪ ٻانهن جي لعنتن ۾ گرفتار ٿي وڃڻ (13) چهري مان ايمان جو نور نڪري وڃڻ سبب چهرو بي رونق ٿي وڃڻ (14) شرم ۽ غيرت جو ختم ٿيڻ (15) هر طرف کان ذلتن، خوارين ۽ ناڪامين جو هجوم ٿي وڃڻ وغيره وغيره گناهن جي نحوست سان وڏا وڏا دنياوي نقصان ٿيندا آهن. (جنّتي زيور،ص:۱۴۳)

گُناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دَم بدم مولیٰ!
میں توبہ پر نہیں رہ پا رہا ثابِت قدم مولیٰ!
گُناہوں نے مجھے ہائے! کہیں کا بھی نہیں چھوڑا
کرم ہو اَز طفیلِ سیّدِ عَرب و عجم مولیٰ!

(وسائلِ بخشش،ص۹۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ته هاڻي مختصراً ڪجهه گناهه ۽ ان جون نحوستون ۽ هلاڪتون ٻڌون ۽ ان کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪريون. جيئن ته انهن مان هڪ ڪوڙ آهي. هي اها گندي عادت آهي جو دين ۽



www.dawateislami.net

دنيا ۾ ڪوڙي جي لاءِ ڪا جڳهہ نہ آهي. ڪوڙو ماڻهو هر جڳهہ تي ذليل ۽ خوار هوندوآهي۽ هر مجلس ۽ هر انسان جي سامهون بي وقار ۽ بي اعتبار ٿي ويندوآهي. رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ” ٻانهو ڪامل مؤمن نہ هوندو آهي جيستائين مذاق ۾ بہ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ جهڳڙو ڪرڻ نہ ڇڏي، چاهي سچو هجي.“ (المسندللإمام أحمد بن حنبل، مسند أبي هريرة، الحديث: ٨٦٣٨، ج٣، ص٢٦٨) اهڙي طرح غيبت جي نحوست مان آهي تہ هي بُري خاتمي جو سبب آهي، بڪثرت غيبت ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي، غيبت سان نماز روزي جي نورانيت هلي ويندي آهي، غيبت جي نحوست جو اندازو ان فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان بہ لڳائي سگهجي ٿو: اَلْغِيْبَةُ اَشَدُّ مِنَ الزِّنَا يعني غيبت بدڪاري کان بہ وڌو گناهہ آهي. (الترغيب والترهيب ، ج٣، ص٣٣١ ، حديث:٢٤) اهڙي طرح چغلي جي سبب بہ گهرن جي بربادي، پاڻ ۾ رنجشون ۽ بغض ۽ ڪينو پرورش ونندو آهي. اهڙي شخص کي الله عَزَّوَجَلَّ پسند نہ فرمائيندو آهي، حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها اُهي آهن جنهن کي ڏسندي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جا بُرا ٻانها اُهي آهن جيڪي چغل خوري ڪندا، دوستن ۾ جدائي ڪندا ۽ نيڪ ماڻهن جا عيب تلاش ڪندا آهن. (مسند احمد، ٦/ ٢٩١، حديث ١٨٠٢٠) چغلي وانگر گارگند سان بہ فتنا فساد جنم وٺندا آهن مثلاً پاڻ ۾ نفرتون جنم وٺنديون آهن، خون ريزيون، جهڳڙا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي بُرايون ظاهر ٿينديون آهن. نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مسلمان کي گار ڏيڻ پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ آهي. (الترغيب والترهيب، ڪتاب الادب ،،ج٣،ص٣٧٧، الحديث:٤٣٦٣) اهڙي طرح حسد بہ



www.dawateislami.net

نهايت بُري عادت آهي ۽ گناهِ عظيم آهي حاسد جي پوري زندگي ساڙ ۽ ڪُڙهَڻ جي باهه ۾ سڙندي رهندي آهي ۽ ان کي چين ۽ سڪون نصيب نه ٿيندو آهي. حسد اهڙي طرح نيڪين کي کائي ڇڏيندوآهي جهڙي طرح باهه ڪاٺ کي. اهڙي طرح تڪبر کي ڏنو وڃي ته ان جي سبب الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضپي، مخلوق جي بيزاري، ميدانِ محشر ۾ ذلت ۽ خُواري، ربّ جي رحمت ۽ جنت جي انعامن کان محرومي ۽ جهنم جو حقدار بڻجڻ جهڙن وڏن وڏن نقصانن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهجي ٿو. نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن جي دل ۾ سرنهن جي داڻي جيترو به تڪبّر هوندو اهو جنت ۾ داخل نه ٿيندو.“

(صحيح مسلم،ڪتاب الايمان،باب تحريم الڪبروبيانه، الحديث:١٤٧،ص٦٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته هي گناهه معاشري ۾ ڪهڙين ڪهڙين بُرائين کي جنم ڏيندا آهن. تنهنڪري گناهه چاهي ننڍو هجي يا وڏو ان کان بچڻ ۾ ئي عافيت آهي. جيئن ته حضرت سيّدُنا بلال بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: گناهه جي ننڍي ٿيڻ کي نه ڏس بلڪ هي ڏس ته تون ڪنهن جي نافرماني ڪري رهيو آهين. (الزواجر عن اقتراف الڪبائر، مقدمة في تعريف الڪبيرة، خاتمة في التحذير..الخ، ١ /٢٧) تنهنڪري جيڪڏهن گناهه جو ارادو ڪرڻ وقت اسان جي هي مدني سوچ بڻجي وڃي ته آئون جنهن رب عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري رهيو آهيان اهو ته هر وقت هر حال ۾ مونکي ڏسي رهيو آهي ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهڙي طرح ڪافي حد تائين گناهن کان ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويندو. گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽



www.dawateislami.net

ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو سُني ماحول سان وابسته ٿيڻ به آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ به هن پُرفتن دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول، الله عَزَّوَجَلَّ جي عظيم نعمت آهي. توهان به ان مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول سان هردم وابسته رهو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا آخرت جون ڀلايون حاصل ٿينديون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان رمضانُ المبارڪ جون بهارون، رمضان ۾ گناھ ڪرڻ جون سزائون ۽ گناهن جي نحوستن جي متعلق ٻڌو ته رمضانُ المبارڪ ۾ گناھ ڪرڻ واري ۽ ان جو تقدّس پامال ڪرڻ واري ڪي حديثِ پاڪ ۾ ذليل ۽ خوار ٿيڻ جي وعيد ٻڌائي وئي گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته گناهن جي نحوست سان الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي ۽ دنيا ۽ آخرت جي بربادي انسان جو مقدر ٿي ويندي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته گناهن کان بچندي الله عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃون ته جيئن دنيا ۽ آخرت جي اَبَدي ۽ سَرمَدي نعمتن سان مستفيض ٿي سگهون.

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃڻ به آهي.



www.dawateislami.net

## اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي مهيني جي آمد آمد آهي ۽ هن مبارڪ مهيني جي برڪتن جي ته ڇا ڳالھ آهي جو ان مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ اضافو ڪرڻ جا موقعا گهڻا وڌي ويندا آهن. جيئن ته ان مهيني ۾ نيڪيون وڌائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ۽ خوب علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو پوري رَمضان جي مهيني يا آخري عشري جو اعتڪاف به آهي ۽ اعتڪاف جي فضليت جو اندازو ان حديثِ پاڪ مان لڳايو ته اُمّ الْمُؤمِنين حضرتِ سَيّدَتُنا عائِشه صِدّيقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي سرڪارِ ابدِ قرار، شفيع روزِ شمار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان گڏ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو، ان جا پنيان تمام گناھ بخشيا ويندا“. (جامع صغير ص٥١٦الحديث٠٨٤٨٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ته هر سال نه ته زندگي ۾ گهٽ از گهٽ هڪ ڀيرو پوري رَمَضانُ المبارڪ جي مهيني جو اعتڪاف ڪيو وڃي، اسان جا پيارا پيارا ۽ رحمت وارا آقا، مٺا مٺا مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ خصوصًا رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خاص اهتمام فرمائيندا هئا. ڇو جو رمضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي پوشيده رکيو ويو آهي، تنهنڪري ان مبارڪ رات کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڀيري



www.dawateislami.net

پوري رمضان جو اعتڪاف فرمايو ۽ هونئن بہ مسجد ۾ رهڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ معتڪف جي تہ ڇا ئي ڳالهہ جو رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تمام مصروفيتن کان فارغ ڪري مسجد ۾ اچي ترسندو آهي. فتاوٰي عالمگيري ۾ آهي، اعتڪاف جون خوبيون بالڪل ظاهر آهن ڇو جو ان ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪُلِّيَّةً (يعني مڪمل طور تي) پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مُنهمِڪ (نهايت مصروف) ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان تمام دنيا جي مصروفيتن کان ڪنارا ڪش ٿي ويندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿيندا آهن ۽ معتڪف جو سمورو وقت حقيقتًہ يا حُڪمًا نماز ۾ گذرندا آهن. (ڇو جو نماز جي انتظار ڪرڻ جو نماز جيان ثواب آهي) ۽ اعتڪاف جو مقصود اصلي جماعت سان گڏ نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽ معتڪف ان (فرشتن) سان مشابهت رکندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجهہ انهن کي حڪم ملندو آهي ان کي پورو ڪندا آهن ۽ ان سان گڏ مشابهت رکندا آهن جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا.

(فتاوٰي عالمگيري ج۱ ص۲۱۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اعتڪاف جي دوران ڪيتري قدر نيڪيون ڪرڻ جا موقعا ملندا آهن. اسان کي بہ هر سال نہ تہ ڪم از ڪم زندگي ۾ هڪ ڀيرو اِن اَداءِ مصطفٰي کي ادا ڪندي پوري رَمَضانُ المبارڪ جي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کي بہ



www.dawateislami.net

ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت پوري دنيا ۾ پوري رمضان جي مهيني جو ۽ آخري عشري جي سُنت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي، پاڪستان ۾ هن سال پوري مهيني جي اعتڪاف جي لاءِ 126 مقامات ۽ آخري عشري جي اعتڪاف جي لاءِ 4000 مقامات جو هدف آهي، سڀ کان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيندو، جنهن ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ معتڪف هوندا.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر طرف اعتڪاف جون بهارون آهن، توهان بہ همت ڪريو، جيڪڏهن والدين، گهروارن وغيره جي حق تلفي نہ ٿئي تہ پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف فرمائي ونو اهو علمِ دين جو خزانو توهان جي هٿ ايندو جو توهان حيران ٿي ويندا، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان جي اعتڪاف ۾ دُرست مخارج سان گڏ قرآن سيکاريو ويندو آهي، پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مقبول دعائون، نماز جا شرائط، فرائض ۽ مفسدات وغيره بہ سيکاريا ويندا آهن، مرحبا! ظهر کان بعد ۽ تراويح کان پوءِ اميرِ اهلسُنت جي طرفان مدني مذاڪرن جي صورت ۾ علمِ دين جا رنگ برنگا مهڪندڙ مهڪندڙ مدني گُل عطا ٿيندا آهن، الله الله روزانہ مناجاتِ افطار ۾ عاشقانِ رسول، عاشقانِ رمضان جي پُرسوز ۽ رقت انگيز دعائن ۾ شموليت جو موقعو بہ ملندو آهي، جيڪڏهن پورو ئي رمضان مسجد ۾ گذاريون تہ ڇا ڳالهہ آهي، جيڪڏهن ايئن نہ ڪري سگهون تہ ڪم از ڪم رمضان جي آخري عشري جي ترڪيب ئي ناهي ونون.



www.dawateislami.net

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سُنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم
مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي برڪت سان سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪليان (مهاراشٽر، الهند) جي ميمڻ مسجد ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي طرفان (1426ھ،2005ء) ۾ ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ هڪ نئين مسلمان (جيڪو ڪجهہ عرصو اڳ هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي هٿان مسلمان ٿيو هيو) اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. سنّتن ڀريئي بيانات، ڪيسيٽ اجتماعات ۽ سنّتن ڀريئي حلقن ان جي مٿان خوب مدني رنگ چاڙهيو. اعتڪاف جي برڪت سان دين جي تبليغ جي عظيم جذبي جو روشن ڏيئو سندن هٿن ۾ اچي ويو. جيئن تہ سندن گهر جا ٻيا ڀاتي اجان تائين ڪفر جي اونداهي وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا ان لاءِ اعتڪاف کان فارغ ٿيندي ئي ان پنهنجي گهر وارن تي ڪوشش شروع ڪري ڏني، دعوتِ اسلامي جي مبلغين ڪي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪري دعوتِ اسلام پيش ڪرائي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پيءُ ماءُ، ٻن ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ تي مشتمل سمورو خاندان مسلمان ٿي ڪري سلسلهءِ عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو مُريد ٿي ويو.



www.dawateislami.net

ولولہ دیں کی تبلیغ کا پاؤ گے، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
فضل ربّ سے زمانے پہ چھا جاؤ گے، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

(فيضان رمضان ص 1470)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاهه نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.

(مشڪاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث 75 ادارا الكتب العلميه بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! اچو ته شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل مان ”چل مدينه“ جي 7 اکرن جي نسبت سان جوتا پائڻ جا ست مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جتي پائي رکندو آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096)



www.dawateislami.net

﴾2﴿ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي.

﴾3﴿ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855)

﴾4﴿ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري.

﴾5﴿ ڪنهن حضرت سيّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰى عَنۡهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي.

(سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099)

﴾6﴿ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو.

﴾7﴿ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. "دولت بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 601)

طرح طرح جون سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جا مطبوعہ 2 ڪتاب بهارِ شريعت حصو 16 (312 صفحا) نيز 120 صحفن جو ڪتاب "سنّتون ۽ آداب" هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيّت



www.dawateislami.net

جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفَر بہ آهي.

سيکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،(1)

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

جيڪڏھن بيٺل ھو تو ويھڻ کان پھريان ۽ ويٺل ھو تہ بيھڻ کان پھريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.(1)

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.(2)

## (4)ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.(3)

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي

---

1...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الحادية عشرۃ، ص 65

2...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

3...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net